SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1976

# SINDH ACT NO.V OF 1976

# قانونن ۾ تبديليءَ وارو سنڌ ايڪٽ، 1976

# THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ACT, 1976

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. ڪن قانونن ۾ تبديلي.

Amendment certain Laws.

3. سنڌ آرڊيننس III مجريہ 1976 جي منسوخي.

Repeal of Sindh Ordinance III of 1976.

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1976

# SINDH ACT NO.V OF 1976

# قانونن ۾ تبديليءَ وارو سنڌ ايڪٽ، 1976

# THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ACT, 1976

[31مارچ 1976]

تمهيد (Preamble)

اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 8 جي شق (4) جي تقليد ۾ ڪجهہ قانونن ۾ ترميم جو ايڪٽ.

اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 8 جي شق(4) جي تقليد ۾ ڪجهہ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جنهن کي هن ريت بدلايو پيو وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن کي قانونن ۾ تبديليءَ وارو سنڌ ايڪٽ، 1976 (THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ACT, 1976) چيو ويندو.

(2) هي هڪدم نافذ ٿيندو.

ڪن قانونن ۾ تبديلي.
Amendment certain Laws.

2. اهي قانون جيڪي شيڊول ۾ آهن انهن کي اهڙي ريت ۽ اهڙي مخصوص انداز ۾ بدلائجي ٿو جيڪي ڪالم نمبر ٻئين جي مطابق هوندا.

سنڌ آرڊيننس III مجريہ 1976 جي منسوخي.
Repeal of Sindh Ordinance III of 1976.

3. سنڌ امينڊمينٽ لاز آرڊيننس، مجريہ 1976، (THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ORDINANCE, 1976) هن سان منسوخ ڪيو ويو.

## شيڊول (ڏسو دفعہ 2)

| قانون جيڪي بدلايا ويا | جيڪي تبديليون آنديون ويون |
|---|---|
| .1 | .2 |
| دي سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860<br>The Societies Registration Act, 1860 (XXI of 1860) | دفعہ 16_A ۾ هي نعم البدل ٿيندو:<br>"16_A ڪنهن بہ سوسائٽيءَ جي گورننگ باڊي جي جانشيني:<br>(1) ايسوسيئيشن جي ميموريينڊم هن ايڪٽ هيٺ رجسٽرڊ ٿيل سوسائٽيءَ جي قاعدن قانونن جي برعڪس ناهي تہ جيڪڏهن جاچ پڙتال ڪانپوءِ جيئن بہ ضروري هجي تہ صوبائي حڪومت انهيءَ خيال جي آهي تہ سوسائٽي جي گورننگ باڊي :<br>(a) خدمتون سرانجام ڏيڻ جي لائق نہ آهي يا اهي انهن ۾ ناڪام وئي آهي، يا<br>(b) پنهنجي ڪم ڪار هلائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿي يا مالي ذميوارين کي منهن ڏئي نٿي سگهي، يا<br>(c) عموما عوامي مفاد جي خلاف ڪم ڪري ٿي يا سوسائٽيءَ جي ميمبرن جي مفادن جي خلاف سرگرم آهي، تہ صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ پڌرنامو (Notification) ڏئي انهيءَ جي گورننگ باڊي کي ڪنهن خاص وقت لاءِ مٽائي سگهي ٿي، اهو وقت هڪ سال کان مٿي جو نہ هوندو ۽ ان کي نوٽيفڪيشن ۾ ظاهر ڪيو |

| | |
|---|---|
| | ويندو.<br>(2) ذيلي دفعہ (1)هيٺ نوٽيفڪيشن ڇپجڻ تي:<br>(a) عهديدار ۽ گورننگ باڊيءَ جا ميمبر پنهنجي عهدن کان الڳ ٿي ويندا.<br>(b) گورننگ باڊيءَ جا سمورا ڪم انهيءَ جانشيني واري وقت دوران صوبائي حڪومت طرفان جوڙيل گورننگ باڊي طرفان هلايا ويندا. يا ڪنهن ٻي اختياريءَ طرفان ڪنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ صوبائي حڪومت مقرر ڪندي.<br>(3) جانشيني جي وقت ختم ٿيڻ کانپوءِ سوسائٽي جي گورننگ باڊي ايسوسيئيشن جي ميمورنڊم، قاعدن، قانونن مطابق ٻيهر جوڙي ويندي.“ |
| دي سنڌ انڊسٽريز (ڪنٽرول آن اسٽيبلشمينٽ اينڊ اينلارجمينٽ) آرڊيننس، 1963 (ويسٽ پاڪستان آرڊيننس نمبر. IV آف 1963.)<br>The Sindh Industries (Control on Establishment and Enlargement) | دفعہ 3 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان مٽايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيءُ شرطيہ جملو شامل ڪيو ويندو جيڪو آهي:<br>”بشرطيڪ اجازت جي منظوري جي لاءِ ڏنل ڪنهن بہ شخص جي درخواست رد نہ ڪئي ويندي.<br>(a) ان شخص کي سبب ٻڌائڻ جي موقعي ڏيڻ کانسواءِ، يا<br>(b) جيستائين موجود معلومات جي بنياد تي ۽ جاچ پڙتال ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| Ordinance, 1963 (West Pakistan Ordinance No. IV of 1963). | ڪانپوءِ، جيئن مناسب ڄاتو وڃي، حڪومت مطمئن نہ آهي تہ اجازت جي منظوريءَ جي لاءِ ڏن درخواست قومي مفاد جي برعڪس يا ان جي صحت لاءِ هاڃيڪار آهي، يا مقامي علائقي جي رهندڙن لاءِ وڳوڙ جو سبب آهي، جتي صنعتي ڪم تجويز ڪيو ويو آهي، يا اتي انهيءَ ايراضي ۾ صنعتي ڪم ۾ واڌارو ڪيو پيو وڃي. “ |
| دي پرائيويٽلي مينيجيڊ اسڪولز اينڊ ڪاليجز (ٽيڪنگ اوور) ريگيوليشن، 1972 The Privately Managed Schools and Colleges (Taking Over) Regulation, 1972 | پيرگراف 2 ۾<br>(a) شق (b) ۾ لفظن “maintained and” بدران لفظن “owned maintained or” ڪي نعم البدل بڻايو ويندو.<br>(b) شق (c) ۾ لفظن “maintained and” جي جاءِ تي بدران لفظن “owned maintained or” ڪي نعم البدل بڻايو ويندو.<br>(2) پيراگراف 3 ۾ هن ريت تبديلي آندي ويندي:<br>”3. (1) صوبائي حڪومت جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ، اهي شرط جيڪي بہ هجن انهن مطابق، عوامي مفاد ۾، مڙهيل، ڪو بہ ماڻهو جيڪو خانگي طور تي ڪاليج جو مالڪ آهي يا ان کي هلائي ٿو يا خانگي طور تي هلندڙ اسڪول يا ڪاليج بند نٿو ڪري سگهي يا ان جي |

| | |
|---|---|
| | سرگرميءَ کي مهمل نٿو ڪري سگهجي يا ڪنهن بہ صورت ۾ ملڪيت منتقل نٿو ڪري سگهي جيڪا انهيءَ ڪاليج يا اسڪول سان يا انهن جي مفادن سان واڳيل آهي.“<br>(2) 15 مارچ 1972تي يا ان کانپوءِ جيڪڏهن ڪو معاهدو يا رضامندو ڪيو ويو آهي، تہ ۽ اهو سب پيراگراف (1) جي پيڪڙيءَ ۾ آهي تہ اهو اجايو هوندو.“ |
| | 3. پيراگراف 5 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان مٽايو ويندو ۽ پوءِ ان ۾ هن ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>بشرطيڪ ڪو بہ خانگي طور تي هلندڙ اسڪول لاءِ ڪو نوٽيفڪيشن نہ ڪڍيو ويندو.جيستائين صوبائي حڪومت مطمئن آهي تہ اهو اسڪول عام پلائي، سخاوتي يا نان ڪمرشل بنياد تي هلائي نٿو سگهجي. يا ان جو معيار سٺي طريقي سان رکي نٿو سگهجي.<br>4. پيراگراف 6 ۾<br>(a) سب پيراگراف (1) ۾ لفظ ”اها/اهو“ جي آخر ۾ ڪامائن ۽ لفظن ”صوبائي حڪومت جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ ۽ شرطن |

| | |
|---|---|
| | جي پورائي ڪانسواءِ پوءِ شرط جيڪي بہ هجن، عوامي مفاد ۾، مڙهيل " شامل ڪيا ويندا.<br>(b) سب پيراگراف (2) ۾ لفظن "سموريون تبديليون" کي "بشرطيڪ سب پيراگراف (1) جي مطابق هجي، ڪا بہ تبديلي" جي لفظن بريڪيٽس، انگن ۽ ڪامائن سان بدلايو ويندو.<br>5. پيراگراف 7 جي سب پيراگراف (1) جي شق (b) ۾ :<br>(a) بريڪيٽن، انگ ۽ ڪاما "(2)"، کي "يا صوبائي حڪومت جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ" جي لفظن ۽ ڪاما سان بدلايو ويندو.<br>(b) آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان مٽائي هي اضافو ڪيو ويندو:<br>"بشرطيڪ صوبائي حڪومت جي خاص يا عام اجازت ڪانسواءِ، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ترقي ڏئي سگهجي ٿي، مقرر ڪري سگهجي ٿو يا مصروف رکي سگهجي ٿو انهن شرطن ۽ شروطن تي جيئن صوبائي حڪومت منظور ڪيا هجن، ڪنهن نئين آسامي جي جاءِ تي يا رٽائرمينٽ ڪانپوءِ خالي ٿيل جاءِ تي، يا ملازمت جي مقرر ڪيل وقت جي ختم ٿيڻ تي، شرطن ۽ شروطن مطابق نوڪريءَ |

| | |
|---|---|
| | مان خارج ٿيڻ تي 15 مارچ 1972ع کان اڳ ڪو بہ ماڻهو جيڪو مقرر ڪيو ويو هو يا جنهن کي رکيو ويو هو“.<br>6. پيراگراف 12 ۾ لفظ ”۽“ کي لفظ ”يا“ سان بدلايو ويندو. |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**